# 4

# سامي ۽ جا سَلوڪ

چئنراءِ بچومل لنڊ (1850 - 1743ع) ’سامي‘ شڪارپور سنڌ جو رهندڙ هئو. هن ڪجهه ورهيه اَمرتسر ۾ پڻ وڻج واپار سانگي گذاريا. پوءِ جلد ئي واپس شڪارپور اَچي هاتي در وٽ هڪ مڙهيءَ ۾ اَچي ديرو جمايائين. هوُ اُتي گرمُکيءَ ۾ چٽڪين تي پنهنجا سلوڪ لکي هڪ مٽڪي اندر رکندو هو، جيڪي سندس پُٽ گهنشامداس گڏ ڪندي هٽيڪا ڪري رکيا.

چئنراءِ در اَصل پنهنجي گرو سامي مينگهراج کي عزت ڏيڻ لاءِ ’سامي‘ تخلص هيٺ پنهنجا سلوڪ رچيا آهن. هن جي سلوڪن ۾ ويدانت جو ذڪر ڪيل آهي.



پڙو، ڳايو ۽ سمجهو.

وِدِيا وِڇائي، اَوِدِيا ڏُک اندر جو؛
جيئن پاڻي باهه کي، ٻانيڻَ ٻُجهائي،
سوُرج لَکائي، سڀ پدارٿ پڌرا.

موُرَک کَرِ مَ موهُ، ڪايا مايا کُل سان؛
ڇَڏي ويندءِ ڇِن ۾، ٻوهِي ڪري ٻوهُ،
اُلِٽو ڏيندءِ ڏوهُه، سامي ڇَئي سِرَ تي.

ڳالهيوُن سَپيئِي، اَٿي ڪوُڙيون کُرَ ويساهَ ري؛
ويدَ پُرانَ سِڌَ ساڌَ جَنَ، وَجي پُڇُ پيهِي،
مَنُ مَنِسا ڏيئي، توُن سَمُجهِي ڏِسُ سامي چئي.

ٽيئي لوڪَ رُلِي، سانتِ نه آئِي جيءَ کي،
مِلي ساڌ سنگِت سان، اَوِدِيا ڳَنڍِ کُلي،
ويئي پاسَ پُلي، سامي ڇَئي سَنسارَ جي.

## نوان لفظ

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَوِدِيا - اَگيان | لَڪائي - ڏيکاري | ڪايا - شرير | ٻوهي - ٺڳ |
| ٻوهه - ٺڳي | ري - سواءِ | سِڌُ - پهتل | منسا - وشواس |
| رُلي - پِٽڪي | ويساهه - وشواس | پيهي - گهرائيءَ سان | پاس - احساس |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

١) اَوديا جو ڏک ڪير مِٽائيندي؟
٢) موهُه ڪنهن ۾ نہ رکڻ گهرجي؟
٣) ڪهڙي ڳالهه سچي آهي؟
٤) اَوديا جي ڳنڍ ڪيئن کُلندي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) شاعر مورک ڪنهن کي چيو آهي؟
٢) وديا جي اَهميت ڪيئن سمجهايل آهي؟

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي مشغوليون.

مورک ڪر مَ موهه ..................... ڏس سامي چئي.

١) هيٺين ياداشت پوري ڪريو.

| 'م' سان شروع ٿيندڙ لفظ | 'ڪ' سان شروع ٿيندڙ لفظ | 'ﻧہ' سان ختم ٿيندڙ لفظ | 'س' سان شروع ٿيندڙ لفظ |
|---|---|---|---|
| | | | |

٢) اُهي سٽون ڳولهيو جيڪي هيٺ ڏنل سٽن سان ٺهڪي اَچن.

(الف) دُنيا اَست آهي.
(ب) وشواس رکي تون سمجهه.

٣) هيٺ ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ڪٺي جوڙا ملايو.

(1) مايا | (i) ڪتنب
(2) ويساهه | (ii) ممتا
(3) موهه | (iii) وشواس
(4) ڪُل | (iv) پيسا

٢) اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

مثال : اوندهه، اَنڌيرو، روشني، اونداهي

(الف) شوق، چاهه، اِڇا، دلچسپي
(ب) خير، غم، پلو، ڀلائي
(ڪ) ٻر، جهنگل، سُڃ، ساوڪ
(د) محل، جهوپڙي، حويلي، بنگلو